ڊاڪٽر شازيه پتافي

# شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعريءَ جو معنوياتي جائزو

**Dr.Shazia Pitafi**

***Abstract:***

**Semantic Review of Shah Abdul Latif Bhittai's Poetry**

*Semantics deal with all the aspects of meanings. Words and their meanings pertaining to any language are extensive and complex. Meaning of verses of Shah Abdul Latif is so deep and multidimensional, that the scholars of different periods and different areas have put forward variety of their explanations. One considers them feasible for the life of hereafter, the other extracts lessons for the betterment of this world. There are some people who purify their inner through his poetry, and there are others who consider the verses of Shah Latif as a message to solve social problems. Scholarly Study of Shah Latif's verses indicates that those verses carry for extensive and deep notions than those which are commonly understood.*

*Shah Latif has changed the literal meaning of the words through his creativity and imagination, thus making them rich.*

***معنويات*** (Semantics) جو تعلق معنيٰ جي سڀني پهلوئن سان آهي. ڪنهن به ٻوليءَ جي لفظن جي معنائن جو دائرو وسيع ۽ پيچيدو آهي، جن کي سمجهڻ لاءِ علم معنويات مدد ڪري ٿو.

"معنويات (Semantics) جو علم لفظن جي لغوي ۽ اصطلاحي معنائن ۾ فرق، لفظ اندر لڪل علامتن (Symbols) جي اشارن کي سمجهڻ، انهن جي ثقافتي استعمال، شاعراڻي استعمال کان سواءِ هڪ لفظ جون گهڻيون معنائون ۽ هڪ معنيٰ وارا گهڻا لفظ سمجهڻ ۾ مدد ڪري ٿو." (1)

ڪنهن به ٻوليءَ جي لفظن جي معنيٰ (Meaning) کي سمجهڻ ان ڪري ڏکيو آهي، جو انهيءَ جو تعلق گهڻين شين سان

آهي. جيئن ته ٻولي علامتن جي هڪ تنظيم آهي. جڏهن اسين معنيٰ جي ڳالهه ڪري رهيا آهيون ته ان جو مطلب اهو ٿيندو ته اسين ڄڻ انهن علامتن کي سمجهڻ جي ڳالهه ڪري رهيا آهيون. ٻوليءَ جي علامتن جو تعلق انساني زندگيءَ سان آهي ۽ جيئن ته انساني زندگي هميشه بدلجندي رهي ٿي، انڪري انهن علامتن ۽ اهڃاڻن جي معنيٰ به بدلجندي رهي ٿي.هڪ لفظ جي معنيٰ ۾ ٽن قسمن جي تبديلي ٿي سگهي ٿي:

“The study of the changes in meaning which words undergo is called semantics. A change in meaning is a semantic change. We may recognize three classes of semantic change: first, restriction or specialization of meaning; second, extension of meaning; third, transfer of meaning with loss of the original signification”.(2)

[لفظ جن معنوي تبديلين مان گذرن ٿا، انهن جي مطالعي کي علم معنويات چئبو آهي. معنيٰ ۾ تبديلي معنوي تبديلي هوندي آهي. اسان ٽن قسمن جي معنوي تبديلين جي ظاهر ظهور ۽ مڪمل سڃاڻپ ڪري سگهون ٿا: پهرين، معنيٰ جو محدود يا مخصوص ٿيڻ، ٻي معنيٰ ۾ وسعت، ٽين اصل مفهوم جي ختم ٿيڻ سان معنيٰ جي منتقلي.]

شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي شاعري ايتري ته وسيع ۽ گهري معنيٰ واري آهي، جو هر دؤر ۾ ان جون عالم مختلف تشريحون ڪندا رهيا آهن. ڪو ان مان آخرت ۾ ڪاميابي ۽ ڪامرانيءَ جي معنيٰ ڪڍي ٿو ته ڪو ان ذريعي دنيا جي سنوارڻ لاءِ مواد حاصل ڪري ٿو. ڪوئي ذات جي خامين کي ختم ڪرڻ لاءِ سبق حاصل ڪري ٿو ته ڪوئي اجتماعي ۽ سماجي زندگيءَ جي مسئلن جي حل لاءِ شاهه جي بيتن کي آيتون سمجهي ٿو. شاهه صاحب جي شاعري گهڻ پاسائون مطلب رکي ٿي. سندس لفظ مقرر معنائن کان وڌيڪ وسيع ۽ گهري معنيٰ وارا آهن. هو لفظن کي نيون معنائون ۽ انهن ذريعي نوان تصور ڏئي ٿو. شاهه صاحب طرفان هڪ لفظ کي گهڻين معنائن ۾ استعمال ڪرڻ يا هڪ معنيٰ لاءِ گهڻن لفظن جي استعمال کي سڀني عالمن ساراهيو آهي. اسان هتي شاهه سائينءَ جي شاعريءَ جي ڪجهه ٻين معنوي پهلوئن جو جائزو وٺنداسين. هيٺين بيتن ۾ شاهه سائين خاموشيءَ کي اظهار جي بهترين نموني جي معنيٰ ڏني آهي،

يعني جيڪو لفظ به بيان نه ٿا ڪري سگهن، اهو چُپ سان چئي سگهجي ٿو.

ڪن ٿي، ڪيچين ڪُڇئو، ڪڇ مَ، ٿا ڪُڇن،
اِشارتون اُن جيون، سڪوتا سُڃن،
وٺان ويهي تن، سُڻ ته سوز پرائيين.
(سسئي آبري – 11/01)

سوڍا! صبر تُهجو، مَرڪُ لڄايَن،
چپ سين جي چَوڻ، ادبُ ڪجي ان جو.

(مومل راڻو – 08/12)

پهرئين بيت ۾ شاهه صاحب سسئيءَ کي ڪيچين جا ماٺ ماٺ ۾ اشارا سمجهڻ جي تلقين ڪئي آهي، ڇاڪاڻ ته سندن اشارن ۾ اهڃاڻن جي خاموشيءَ مان خبر پئجي ويندي آهي. ٻئي بيت ۾ "چپ سان چوڻ" جي ڳالهه آهي. شاهه سائين فرمائي ٿو، جيڪي چپ سان چون، انهن جو ادب ڪجي، يعني جن ڪجهه نه چيو، انهن گهڻو ڪجهه چيو. ڪجهه نه چوڻ، خاموشي به اظهار جو نمونو بنجي وڃي ٿي. ان خاموشيءَ کي به پنهنجي معنيٰ ۽ مطلب آهي، جيڪا شاعر جي تخليق ڪيل آهي.

سوئي ڪٺئو ساڻ، سوئي ڏورِيين سسئي!
ڪڏه ڪنين نه ڪِئو، چلڻ منجها چاڻ،
پُڇُ پريان ڪر پاڻ، ته تون تِئائين لهيين.
(سسئي آبري – 03/07)

هن بيت ۾ شاهه سائين "سوئي" لفظ کي وسيع معنيٰ ۾ استعمال ڪيو آهي ۽ ان جي وحدت الوجود واري معنيٰ بين السطور موجود آهي. "سوئي ڪٺئو ساڻ" ، "سوئي ڏوريين" مطلب جنهن جي

توکي ڳولا آهي، اهو ساڻ ڪٿي وري ڳولين به ان کي ئي پئين. ادب کي پرکڻ جي جديد نظرين مان ساختيات پڄاڻان يا پچ گهڙ ( Post Structuralism or deconstruction) واري تحريڪ ۾ ان ڳالهه جي اهميت کي اجاگر ڪيو ويو آهي، ته معنائون گهٽيون آهن ۽ هر لفظ ۾ ڪيترائي تصور ۽ مفهوم سمايل هوندا آهن. پچ گهڙ (Deconstruction) جي نظريي مطابق ڏسڻو اهو آهي ته اُها ڪهڙي شئي آهي، جيڪا لکٽيءَ ۾ ٻڌايل نه – لڪايل آهي، يعني اُن ڳالهه (معنيٰ) کي سمجهڻ گهرجي، جيڪا بين السطور ( Between the lines) موجود آهي:

پلي ڪيئي پّلا پرين، هيئن نه مناسب هوءِ،
لائي چت چرئو ڪري، پاڻ ڪدي وئين پوءِ،
توٽي حُب نه هوءِ، ته به هوت نه ڪجن هيڏيون.

(ٻرئو سنڌي – 01/03)

’پلو‘ جي معنيٰ ’چڱو‘ آهي. ’پلو ڪيئي پلا پرين‘ جي ظاهري معنيٰ ته اها ٿيندي، ’اي چڱا پرين، تو چڱو ڪيو‘پر هيئن نه مناسب هوءِ‘ گڏ چوڻ سان ان جي معنيٰ ٿيندي، ’اي چڱا پرين، تو چڱو نه ڪيو‘ يعني معنيٰ جو تعلق موقعي ۽ مهل سان آهي. ڪڏهن ڪڏهن جيڪو ڪجهه چيو ويندو آهي، ان جو مطلب بلڪل ابتڙ هوندو آهي. اهو اسان ڳالهائڻ وقت آواز (Tone) مان ۽ لکت ۾ بيهڪ جي نشانين جي استعمال ۽ مجموعي تاثر مان سمجهي سگهون ٿا.

ڪانگ قاصد ڪيئن، جو سَدا ڍونڊي ڏُونڍ کي،
پهرين ڪري پيٽ جي، پوءِ وجي سيٽن سيئن،
حال جنهن جو هيئن، سو نياپا نيي رهئو؟

(پورب – 01/36)

هن بيت ۾ به ”سو نياپا نيئي رهئو“ جي لڪل معنيٰ آهي. اهو ڪڏهن به نياپا ڪٿي نه ويندو. هاڻي سوال اهو ٿو پيدا ٿئي ته لڪل

معنائن جي وضاحت ڪيئن ڪجي، جو شاعر جي مقصد تائين پهچي سگهجي، يا ائين چئجي ته شاعر جي خيال ۽ معنيٰ ڪان پري نه وڃجي. عالمن ان ڪي ئي اعليٰ شاعريءَ جي ڪسوٽي سڏيو آهي. سندن چوڻ آهي ته اعليٰ شاعريءَ ۾ لفظن ۽ معنيٰ ۾ هم آهنگي هوندي آهي. پي گري (P. Gurrey) ان حوالي سان لکي ٿو:

"حقيقت ۾ هڪ سٺي نظم ۾ لفظن ۽ مواد جو گهرو تعلق هوندو آهي ۽ اها مربوط اڪائي هڪ معنيٰ جو دائرو ٺاهيندي آهي، جنهن مان غير ضروري ۽ اجايا مطلب ٻاهر هوندا آهن. ڪنهن حد تائين اهوئي عظيم ادب جو اصل "قدر" آهي، ڇو ته اتي لفظن جون خاص معنائون هونديون آهن ۽ انهن جو لاڳاپو اصل مواد سان هوندو آهي ۽ اهي مواد جي چٽائيءَ ڪي گهڻ ڪونه ڪنديون آهن ۽ انهن جي ڪري پڙهندڙ خيال جي ممڪن معنيٰ ڪان ڏُور ڪونه ٿي ويندو آهي، ائين لفظن جي تقدس ڪي قائم رکي سگهجي ٿو." (3)

شاهه لطيف رحه پنهنجي تخليقي سگهه ۽ تخيل ذريعي لفظن ڪي لغوي معنيٰ ۽ عام مفهوم جي محدود دائري مان ڪڍي ڇڏيو آهي.

محبت جن جي من ۾، تن تشنگي تار،
پي پيالو اُڃ جو، اُڃ سين اُڃ اُتيار،
پنهون! پاڻ پيار، ته اُڃ سين اُڃ اُجهائيان.

(سسئي آبري – 01/05)

"هن بيت ۾ لفظ "اُڃ" ڪي تخيلي سطح تي شاهوڪار بنائڻ لاءِ شاعر ان ڪي ورجايو به آهي ته تمام وسيع معنيٰ به ڏني آهي." (4)

پيئڻ سان اُڃ ختم ٿيندي آهي، پر شاهه سائينءَ ان ڪي محبت جي معنيٰ ۾ ڪم آندو آهي، جيڪا وڌندي ئي رهي ٿي، 'جي سمنڊ منهن ڪريان، توءِ سُرڪيائي نه ٿيي.'

پتنگ چايين پاڻ ڪي، ته اچي آڳ اُجهاءِ،
پڇڻ گهڻا پَچايا، تون پَچڻ ڪي پَچاءِ!
واقف ٿي وساءِ، آڳ نه ڏجي عام ڪي.

(يمن ڪلياڻ – 03/10)

پتنگ روشنيءَ جو ديوانو هوندو آهي. ان تي اچي پاڻ کي ساڙي چڏيندو آهي. شاهه سائين بلڪل مختلف ڳالهه ڪئي آهي. چوي ٿو، پاڻ کي پتنگ سڏائين ٿو ته اچي باهه کي وساءِ! پتنگ لاءِ آڳ عشق جو امتحان آهي. هو سڙڻ جي پرواهه نه ڪندي، ان جي ويجهو اچن ٿا. شاهه سائين چوي ٿو، "پچڻ" ته گهٽن کي پچايو آهي، پر تون ان کي پچاءِ، آڳ گهٽن کي عشق ۾ پچائي، پڪو ڪري تيار ڪري ٿي، پر تون ان کي پڪو ڪر. پاڻ کي ڪماليت جي اهڙي درجي تي پهچاءِ. شاهه سائين لفظن کي نيون معنائون ۽ نوان مفهوم ڏيئي چڏيا آهن. هن روايتي مفروضن کي رد ڪري چڏيو آهي. تڏهن ته اهڙا انوکا خيال سندس شاعريءَ ۾ ملن ٿا.

سهسين سائر ٻوڙيون، منڌ ٻوڙئو مِهراڻ،
وَه وڃائيو پاڻ، هٽي ڪنڌ ڪپن سين.

(سهٽي – 06/18)

سهٽي درياهه ۾ ٻڏي مري ويئي هئي. شاهه سائين ان جي ابتڙ چوي ٿو، درياهه سوين ٻوڙيون، پر سهٽي مهراڻ کي ٻوڙي چڏيو. هن بيت ۾ "ٻوڙڻ" گهڻ معنائي لفظ طور استعمال ڪيو ويو آهي. "سهسين سائر ٻوڙيون" ۾ ٻوڙڻ لفظي/ لغوي معنيٰ ۾ استعمال ٿيو آهي، جڏهن ته "منڌ ٻوڙئو مهراڻ" اصطلاحي معنيٰ ۾ ڪم آيوآهي. "ٻوڙي چڏڻ" ، "نڪ ٻوڙڻ" ، "ٻڏي مرڻ" مان شرمندو ڪرڻ، لڄائڻ جو مطلب نڪرندو آهي، يعني سهٽيءَ کي ٻوڙي – جيڪا سراپا سِڪ هئي. درياهه به شرمنده آهي.

ڏنگر! تون ڏاڍو، ڏاڍا! ڏاڍايون ڪرين،
مون تن اندر تينءَ وهين، ڄِن وڻ وڍي واڍو،
اي ڪرم جو ڪاڍو، نات پٿر ڪير پنڌ ڪري؟

(ڪوهياري – 02/01)

هن بيت ۾ لفظ ”ڏاڍو“ جو گهڻ پاسائون مطلب آهي. ڊاڪٽر فهميده حسين سنڌي ٻوليءَ ۾ ۽ شاهه جي هن بيت ۾ لفظ ”ڏاڍو“ جي معنيٰ جي وضاحت ڪندي لکيو آهي:

”سنڌيءَ ۾ هڪ لفظ ’ڏاڍو‘ ڪتب آڻيو آهي. ان جي هڪ عام معنيٰ به آهي. مثال طور ”ڏاڍو چڱو“ ، ”ڏاڍو خراب“ وغيره. ان جي هڪ معنيٰ ”سخت“ يا زورائتو به ڏيندي آهي. مثال طور: ”هو مون کان ڏاڍو آهي“ ، ”ڏاڍو ماريائين“ وغيره. انهيءَ ساڳئي لفظ کي شاهه صاحب هيئن به استعمال ڪيو آهي، ”ڏونگر تون ڏاڍو، ڏاڍا! ڏاڍايون ڪرين.“ هتي هن لفظ کي تمام وسيع معنيٰ ۾ آندو ويو آهي.“ (5)

لفظن جي معنيٰ ۾ تاريخي عنصر به شامل هوندو آهي، جيڪو تاريخي واقعا ۽ حقيقتون ڄاڻڻ کان سواءِ، سمجهي نه سگهبو آهي. ٻئي طرف اهو هڪ اصطلاح يا پهاڪو پوري تاريخ جي ڪهاڻي ٻڌائي رهيو هوندو آهي، انڪري ئي لفظ (ٻولي) قوم جي آتم ڪهاڻي آهي.

“Sometimes the changes which have taken place in the meaning of a word serve as a record of customs, beliefs or social conditions which existed at an earlier period. Without knowledge of such historical facts we should see no connection between the meaning in which certain words are used and the words from which they have been derived.” (6)

[ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن هڪ لفظ جي معنيٰ ۾ آيل تبديليون انهن رسمن رواجن، عقيدن يا سماجي حالتن کي آئندي لاءِ محفوظ ڪرڻ جو سبب بنجي وينديون آهن، جيڪي اڳئين دؤر (ماضي) ۾ موجود هيون. انهن تاريخي حقيقتن جي ڄاڻ کان سواءِ، اسان کي ڪجهه لفظن جي معنيٰ ۾ ۽ انهن لفظن ۾ ڪو به تعلق نظر نه ايندو آهي، جنهن ۾ اهي استعمال ٿيندا آهن ۽ جتان اهي ورتا ويا آهن.]

مثال طور شاهه سائينءَ جو هيٺيون بيت ڏسو:

لکين ڪِئا لِسان سين، لاهوتين لوڙا،
گهوڙا ڙي گهوڙا، آئون نه جيئندي اُن
ري.

(رامڪلي – 01/03)

”گهوڙا ڙي گهوڙا“ مصيبت، ڏک جي وقت چيو ويندو آهي، جنهن جي هڪ تاريخ آهي، نه ته هڪ جانور جي نالي ۽ مصيبت ۾ ڪو به تعلق نه آهي. تاريخ کان ڪنهن غير واقف شخص يا غير

سنڌيءَ کي "گهوڙا ڙي گهوڙا" جو مطلب تيستائين سمجهائي نه ٿو سگهجي، جيستائين ڪيس تاريخي واقعن جي ڄاڻ نه ڏجي ۽ هو پوري پس منظر کان واقف نه ٿئي. شاعر لفظن کي اصطلاحي ۽ پاسائتين يا مددي معنائن ۾ به ڪتب آڻيندا آهن.

چنن توءِ مَ چن، پاءِ اُميري اُن سين،
جي هو اوڻ ڪَنئِي، اُسنهين! تون ڳڻائئي ڳن،
پاند جهلِئو تون پن، هن سنهاري سگ ۾.

(يمن ڪلياڻ – 08/10)

هن بيت ۾ لفظ "اميري" استعمال ٿيو آهي، جيڪو ڪورين جو اصطلاح آهي. جڏهن تاڃيءَ جي ڪا تند ڇڄي پوندي آهي ته هو ان کي ڇيڙيءَ ۾ جهلي، وٽ ڏيئي ڳنڍي ڇڏيندا آهن. ان عمل کي اُميري چوندا آهن. شاهه سائينءَ هتي اُن کي مددي (Subsidiary) معنيٰ "ڳنڍڻ" ۾ ڪتب آندو آهي. ان کان سواءِ، جن ماڻهن ڪورين کي ڪپڙو اُڻندي ڏٺو يا ان بابت ٻڌو هوندو، اهي ئي ان تصور کي سمجهي سگهن ٿا. سماج مان اهو ڌنڌو ختم ٿي وڃڻ کان پوءِ، ان جي معنيٰ سمجهڻ آسان ڪونهي ۽ ان بيت ۾ ان لفظ جي استعمال جڻ ته هڪ ڪرت جي لفظن کي محفوظ ڪري ڇڏيو آهي.

جيُ مهجو جنِ، انگڙيارو وَڍِئو،
پڄاڻا پرين، سِبان، سڄو نه ٿيي.

(حسيني – 09/03)

ڪپڙو ڦاٽي پوندو آهي ته ان کي سبي سڄو ڪبو آهي. مٿئين بيت ۾ "سبي سڄو ڪرڻ" کي شاهه صاحب بلڪل هڪ نئين معنيٰ ڏني آهي. پنهونءَ جي ڪيڄي وڃڻ کان پوءِ، سسئيءَ جو من اُداس آهي، جنهن کي هوءَ وندرائڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي، پر سندس اداسي ختم ئي نه پيئي ٿئي. ان ڪيفيت لاءِ شاهه سائين چوي ٿو ته سندس جيءُ جڻ ته وڍيل آهي، جيڪو سبڻ سان سڄو نه ٿو ٿئي.

علم معنويات ذريعي اسان کي لفظن جي ثقافتي استعمال جي به خبر پوي ٿي. ماڻهن جا وهم ۽ وسوسا به لفظن کي نيون معنائون ڏيندا آهن.

ڪَرڙا ڏنگر ڪَهه گهٽي، جِت رڻ تتو رائو،
تتر ٿيي مَ تن ڪي، ڏُنگر ۾ ڏائو،
جڏه چام پنهو چائو، تڏه ٿي وَس وٽڪار ۾.

(ديسي – 06/13)

ڪنهن ڪم لاءِ ويندي وقت جيڪڏهن تتر ڪاٻي طرف کان تنوار ڪئي ته ان جو مطلب اهو سمجهيو ويندو آهي ته اهو ڪم نه ٿيندو. اهو ماڻهن جو وهم آهي، جنهن تتر جي تنوار کي اها معنيٰ ڏيئي ڇڏي آهي. ساڳيءَ طرح:

تن جنين جي تانگ، سي سڄڻ سفر هلئا،
لئج لات، لطيف چي، ڪڏهِ ايندم؟ ڪانگ!
ڪه سَٽاٽي سانگ، پرين پَرڏيهي ڪِئا.

(سامونڊي – 01/25)

ڪانگ جو اچي لنوڻ معنيٰ خوشخبري ڏيڻ آهي يا ڪن مهمانن جي اچڻ جو اطلاع آهي، هتي شاهه صاحب اهو اصطلاح ڪم آندو آهي. وڻجاري جي وني پرڏيهي پرينءَ جي اچڻ لاءِ ڪانگ کان ٿي پڇي ته الائي ڪڏهن ٿا اچن. اهڙن تصورن هجڻ ڪري شاهه سائينءَ جو ڪلام سنڌي ثقافت جي عڪاسيءَ سان گڏ سنڌي ماڻهن جي نفسيات جو به ترجمان ٿي پيو آهي.

تجنيس جو هڪ قسم ”تجنيس تام“ آهي، جنهن جو تعلق معنويات سان آهي. مرزا قليچ بيگ صاحب ان جي وصف هيءَ لکي آهي:

”تام جي معنيٰ تمام يا ڪامل، يعني پورو. جڏهن به يا زياده لفظ اهڙا ڪم اچن جي لکڻ يا پڙهڻ ۾ بلڪل هڪ جهڙا هجن، مگر معنيٰ ۾ مختلف هجن.“ (7)

جتن ڪج جتن جو، آئيا ڪِ ايندا،
وٺي پنهو پاهجو، وٽائو ويندا،
دم نه ڏَميندا، سڏاريندا ساٿيهه ڏي.

(ديسي – 01/17)

هن بيت ۾ "جتن" لفظ ٻه دفعا آيو آهي. پهرئين دفعي واري جي معنيٰ "ڪوشش، حيلو، وسيلو" آهي، ٻيو دفعو "جت" ذات لاءِ استعمال ٿيو آهي.

جا هڙ اندر جي، ساهَڙ ڏني ساهه کي،
ساهڙ ڇُڙي نه ساهه جي ساهڙ ساهڙ ريءَ،
ساهڙ ميڙ سميع! ته ساهڙ ڇُڙي ساهه جي.

(سهڻي– 05/23)

هن بيت ۾ "ساهڙ" لفظ ڇهه ڀيرا آيو آهي. ٽي ڀيرا ساهڙ (ميهار) لاءِ ۽ ٽي دفعا "سا-هڙ" لاءِ، جنهن جي معنيٰ آهي، اها هڙ/ محبت جي ڳنڍ جيڪا ميهار اندر کي ڏني آهي.

وَر ۾ ڪونهي وڙ، ڏيرن وَر وڏو ڪئو،
نهاريندِيس، نڪَٽي، ٻوتن ڪارڻ ٻَڙ،
آڏو ٽڪر ٽڙ، متان روهَ رتيون ٿيين.

(ديسي – 01/17)

هن بيت ۾ "ور" لفظ ٽي دفعا استعمال ٿيو آهي. پهريون دفعو مڙس/ ٻنهوءَ لاءِ، ٻويان ٻئي دفعا "چالاڪي، ڏنگائي چند يا مڪر" جي معنيٰ ۾ استعمال ٿيو آهي.

هن مطالعي کان پوءِ، اسان چئي سگهون ٿا ته شاهه جي شاعري گهڻ پاسائون مطلب رکي ٿي. سندس لفظ مقرر ۽ مروج معنائن کان وڌيڪ وسيع معنيٰ وارا ٿي پيا آهن. هن پنهنجي تخليقي سگهه ۽ تخيل ذريعي لفظن کي لغوي معنيٰ ۽ عام مفهوم جي محدود دائري مان ڪڍي شاهوڪار بڻايو آهي.

حوالا:


1. حسين، ڊاڪٽر فهميده، 'سنڌي ٻولي: مختلف لساني پهلو'، سنڌي لئنگويج اٿارٽي، حيدرآباد، سنڌ، 2012ع، ص ص – 131-130.
2. **Scott, Carr, Wilkinson, "Language and its growth" , Scott, Foresman and Company, Chicago, 1935, P – 31**.

3. حسين، فهميده، ڊاڪٽر، ’ادبي تنقيد، فن ۽ تاريخ‘، سنڌ ادبي اڪيڊمي، ڪراچي، 1997ع، ص – **219**.
4. ايضاً، ص – 216.
5. ايضاً، ص – 215.
6. **Scott, Carr, Wilkinson, "Language and its growth" , Scott, Foresman and Company, Chicago, 1935, P –** 38
7. بيگ، شمس العلماء، مرزا قليچ، ’سنڌي وياڪرڻ‘، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو، 2006ع، (ڇاپو ٽيون)، ص – 282.


(**نوٽ:** شاهه سائينءَ جا بيت، ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جي رسالي مان کنيا ويا آهن، باقي جيڪي سُرَ ان رسالي ۾ نه آهن، سي ڀانهي خان شيخ جي مرتب ڪيل رسالي مان کنيا ويا آهن.)